# ڏند ڪٿائن جي ڪهاڻين ۾ تڏ ۽ چاري جي ڪهاڻي

ڏند ڪٿا، ڪهاڻين جي ان مجموعي کي چئبو آهي، جيڪي آڳاٽي زماني جا ماڻهو ڪنهن حقيقت کي واضح ڪرڻ لاءِ هٿرادو گهڙيندا هئا. انهن ۾ اڪثر انهن ديوتائن ۽ ديوين جو به ذڪر آهي، جن جو ڪيترن ئي تهذيب جي ماڻهن جو انهي تي عقيدو هو. دنيا جي ڪيترين ئي پراڻين تهذيب جون الڳ الڳ ڏند ڪٿائي ڪهاڻيو آهن. انهن ۾ يوناني، چيني ۽ هندستاني تهذيب جون ڏندڪٿا ڪهاڻيون مشهور آهن.

يوناني ڏند ڪٿا اڄ کان سادا چار هزار سال پراڻيون آهن. انهن ڏند ڪٿائن ۾ جنگ، سمجهداري ۽ پرت پرڻ جو هنر جي ديوي جو نالو 'ايٿنا' هو.

تقريباً سادا ٽي هزار يا چار هزار سال کن اڳ يونان ۾ هڪ ارڪني نالي جي ڇوڪري رهندي هئي. هوءَ ڪڏي تي ڪپڙي تي پرت پرڻ جو ڪم ڪندي هئي ۽ هوءَ انهي ڪم ۾ تمام گهڻي ماهر هئي. ان جو ڪم ايترو ته مشهور ٿي ويو جو پري پري کان ماڻهو سندس هنر ڏسڻ ايندا هئا. هن جي شهرت يونان جي ديوين ۽ ديوتائن تائين به پهچي وئي.

هڪ ڏينهن ارڪني وٽ هڪ پوڙهي عورت آئي ۽ ان جو ڪم کي غور سان ڏسندي چيائين ته 'ها تنهنجو ڪم ڏاڍو سٺو آهي پر اسان جي ديوي انٿنا جو ڪم ان کان به وڌيڪ سٺو آهي.

ارڪني کي پنهنجي ڪم تي فخر هو سو چيائين ته 'مان ديوي انٿنا سان مقابلو ڪرڻ لاءِ تيار آهيان'

پوڙهي عورت جيڪا اصل ۾ پاڻ ئي اينٿنا هئي پر ويس مٽائي آئي هئي سو هن اهو ويس لاٿو ۽ فوراً مقابلي لاءِ تيار ٿي وئي.

پهريائين اينٿنا ڪڏي تي پرت پرڻ شروع ڪيو ۽ تمام گهڻا خوبصورت گل اڻيائين. هن اٿت ۾ اهڙيون تصويرون ٺاهيون جيڪي ديوتائن ۽ ديوين جي شاندار زندگي جي عڪاسي

ڪندڙ هيون. مثال طور انهن جون شاهاڻي قسم جو دعوتون. جلالي قسم جا گهوڙا، تمام گهڻيون خوبصورت سينگاريل بگهيون جن تي چڙهي هو گهمندا هئا. انهن تصويرن ۾ عام انسان به ڏيکاريل هئا پر اهي تمام گهڻي بدحالي بدبختي ۽ بي وسيءَ جي حالت ۾.

ارڪني کي اهي تصويرون ڏسي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي، هاڻي هن ڪڏي تي تصويرون ٺاهڻ شروع ڪيون. هن پڻ ديوتائن ۽ انسانن جو تصويرون ٺاهڻ شروع ڪيون. پر پنهنجي تصويرن ۾ هن ديوتائن کي خراب ۽ بچڙي حال ۾ ڏيکاريو. مثال طور شاندار دعوت ۾ وڏيڪ کائيندي پيئندي ۽ پوءِ هتي هتي ڍرڪيا پيا هئا ۽ تڪليف منجهان پنهنجي پيٽ تي هٿ پيا ڦيرين.

ٻئي طرف انسان پنهنجي عظيم ڪمن ۾ مصروف هئا. مثال طور جنگ جي ميدان ۾ فاتح سپاهين جي حيثيت ۾، يا وري حاڪم هئا جيڪي پنهنجي درٻارين جي وچ ۾ گهيريل هئا.

ايٿنا انهن تصويرن کي ڏسي ڏاڍي ڪاوڙجي پئي، باقائده مچرجي پئي ۽ هن ارڪني جي سموري ڪم کي ڦاڙيندي ليڙون ليڙون ڪري ڇڏيو. ارڪني کان اهڙي حقارت وارو سلوڪ بلڪل برداشت نه ٿيو، هن ڪاوڙ ۽ ڏک منجهان هڪ رسو ڪنيو، هوءَ ان کي پنهنجي ڳچي ۾ وجهي آپگهات ڪرڻ پئي چاهي. پر اينٿنا هڪ ٻئو ڪيڏ ڪيو، هن جادو ڪندي رسي کي تڏ جو چار ٺاهي ڇڏيو ۽ ارڪني کي هن جادو سان تڏ ٺاهي ڇڏيو.

انهيءَ جادو جي اثر سان ارڪني جا سپ ايندڙ نسل هاڻي تڏيون ئي پيدا ٿيندا ۽ انهن جو ڪم پنهنجو چارو اٽڻ ئي هوندو.

*****************

**آمنه اظفر**

**سنڌي ۾ ترجمو**

**عطيه دائود**